**تاج جويو**

# ابراهيم جويو روشن خيال مُفڪر ۽ مترجم

# Ibrahim Joyo: A Renaissance Mentor and Translator


## Abstract:

*Ibrahim Joyo has remained a Revolutionary Mentor and Translator of the Renaissance in Sindh, he followed M.N Roy and European Intellectuals whose books he has translated into Sindhi language. He worked with G.M Syed, Hyder Bux Jatoi, Allama I.I Kazi, Shaikh Ayaz, Rasool Bux Palejo and other literary, political and civil society activist with the purpose to change the Sindhi Society under Renaissance, Nationalism and Materialist Philosophy. In this Paper I have reviewed his translated books to bring him in light of his intellectual works.*


سائين محمد ابراهيم جويو، سنڌ جي فڪري ۽ ادبي تحريڪ جو اُستاد ۽ سونهون رهيو آهي. سماجن ۽ قومن جي شعور جي تشڪيل ۽ قومي تشخص جي تعمير، اديب، دانشور ۽ مفڪر ڪندا آهن. ويهين صديءَ ۾ محمد ابراهيم جويي جهڙي مفڪر جو پيدا ٿيڻ ۽ اُن جي ايڪيهين صديءَ ۾ موجودگي، تاريخ جو غير معمولي ڪرشمو هو.

جڏهن 1940ع واري ڏهائي ۾ سنڌ فڪري طرح هڪ ٻہ واٽي تي هئي، هڪ طرف مسلم ليگ ٻہ قومي نظرئي (هندو مسلم قومن) جي علمبردار بڻي بيٺي هئي، ٻئي طرف ڪانگريس "متحده هندستاني قوميت" جو جهنڊو اوچو ڪيو بيٺي هئي، اُن وقت هڪ طرف سائين جي. ايم. سيد، روشن خيال ۽ ترقي پسند ڪارڪنن جي مشاورت سان محمد علي جناح ۽ مسلم ليگ سان بغاوت ڪري، سنڌ جي خودمختياريءَ ۾ مرڪزي مداخلت کي مڃڻ کان انڪار ڪيو هو تہ ٻئي طرف محمد ابراهيم جويو، ٽيهن سالن جو نوجوان، سرڪاري ملازمت ۾ هوندي بہ هڪ اهڙي واٽ جو پانڌيئڙو بنجي ميدان ۾ نڪتو هو جيڪا ترقي پسند ڏارا ۽ ايم. اين. راءِ جي فڪري واٽ سان منسلڪ هئي. مفڪر ايم. اين. راءِ جي اُها فڪري واٽ، هڪ پاسي سائنسي شعور سان ڀرپور ۽ عوام دوست هئي تہ ٻئي پاسي مظلوم قومن جي حامي ۽ وطن دوست فڪر سان سرشار هئي. جويي صاحب جو اُن وقت لکيل مشهور ڪتاب:



"Save Sindh, Save the Continent" سنڌ بچايو، وڏو کنڊ بچايو) هجي يا سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن ڏانهن 'دانهن' جي عنوان سان لکيل خط هجي، ان ذريعي جويي صاحب، سنڌ ۾ هڪ اهڙي فڪري ڌارا جي اڳواٽي ڪئي، جيڪو انسان ذات جي صدين جي فڪري پورهئي ۽ ساجاهہ جو تسلسل هو. ان حوالي سان جويو صاحب سائنسي، عقليت پسند ۽ عوام دوست مفڪر ٿي اڀريان آيو. هن صدين جي وهم پرستيءَ ۽ خودفريبيءَ ۾ ويڙهيل روحانيت جي گهاتي جهنگ مان سنڌي ماڻهن کي ڪڍي، منجهن سائنسي ۽ مادي شعور کي پکيڙيو ۽ سنڌ ۾ نئين جاڳرتا (Renaissance) جا بنياد وڌا. اڄ سنڌ ۾ جيڪا علمي ڏاهپ، ادبي ساجاهہ ۽ فڪري سگهہ موجود آهي، اُن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ ان ۾ محمد ابراهيم جويي جو ٻين مفڪرن، سائين جي ايم سيد ۽ علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ سان گڏ وڏو ۽ مُهاڙي ڪردار آهي.

جويو صاحب دورانديش نگاهہ جو صاحب هو، هن کي جيڪا پنهنجي ساڻيهہ سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بي پناهہ محبت ۽ اُن جي روشن ۽ تابناڪ، سلامت ۽ سدا قائم دائم مستقبل لاءِ اون هئي، اُن جو ثبوت، سندس ڪتاب Save Sindh, Save the Contin" " آهي، جيڪو 1947ع ۾ هن جي هٿ ۾ هو ۽ اهو جهنڊو هن جي هٿ مان زندگيءَ جي آخري پساهن تائين نہ ڪريو. هن ڪتاب جي سياسي طرح اُها حيثيت آهي، جيڪا بنياد پرستيءَ جي لهر کي مستقبل ۾ روڪڻ لاءِ سائين جي. ايم. سيد جي ڪتاب "جيئن ڏٺو آهہ مون" کي آهي، يا جيڪا پيٽائيءَ جي فڪر کي "خودپرست روحانيت" جي ڪُن مان ڪڍڻ لاءِ سائين جي. ايم. سيد، "پيغام لطيف" ڪتاب لکي ڪوشش ڪئي هئي.

ڪنهن بہ سماج جي پستيءَ ۾ زوال جو هڪ بنيادي ڪارڻ، اُن جي علمي ۽ ذهني غربت (Intellectual Empowerment) هوندي آهي. اسان خوشنصيب آهيون، جو سنڌي سماج مان علمي، ذهني ۽ فڪري غربت، ختم ڪرڻ لاءِ ويهين صديءَ جي ابتدا ۾، مرزا قليچ بيگ ڪئي هئي، ۽ اڳتي هلي، فڪري، علمي ۽ ادبي ميدان جو اهو جمود، سائين جي. ايم. سيد جي ساٿي، سائين محمد ابراهيم جويي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

اڄ جڏهن اسان جي ادبي ۽ علمي ماحول ۾، علميت، ڄاڻ، سنجيدگيءَ ۽ فضيلت جي کوٽ محسوس ٿي رهي آهي، اُن وقت جويي صاحب جي تحريرن ۽

ترجمي ٿيل ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي.

جويي صاحب، ’تماهي مهراڻ‘ جي 1955ع واري دور ۾ ادبي ۽ فڪري شعور ۽ تنقيدي روايت کي وڌي هٿي ڏني، ان ڪري سنڌ جي ادبي ۽ فڪري تحريڪ ۾ سندس قدر ۽ منزلت نهايت مٿانهين آهي. هن نئين نسل کي هر وقت ۽ هميشہ همٿايو ۽ اُتساهيو. هن ادارا ٺاهيا ۽ اديبن جي تربيت ڪئي. ان ڪري سندس عظمت ۽ وابستگي (Commitment)، زمانن جي طوفانن، مخالفتن ۽ مشڪلاتن ۾ ڪڏهن بہ جهڪي ۽ ماٺي نہ ٿي. جهڙا اڇا ۽ اُجرا ڪپڙا، جويي صاحب جو ٽريڊ مارڪ هئا، اهڙي ئي اُچي اجري دل جو مالڪ هو ۽ اهڙا ئي اُجرا خيال ۽ اُجريون سوچون رکندو هو. 13 آگسٽ 1915ع تي، آباد (تعلقي ڪوٽڙي / ڄام شوري) جي ڳوٺڙي ۾، هڪ هاريءَ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هن شخص، سڄي ڄمار، سنڌ جي فڪري ۽ ادبي رهنمائي ڪئي. هن جي طبعزاد تحريرن سان گڏ، سندس ترجمن، سنڌ ۾ وڏي شعوري ۽ فڪري تبديلي آندي. شيخ اياز، سراج، شمشيرالحيدري، رسول بخش پليجي، علي احمد بروهي، ايم. ايڇ پنهور، محمد عثمان ڏيپلائي، الهداد ٻوهيي، فقير محمد لاشاري، تاج بلوچ، جامي چانڊئي، علي آڪاش، محسن جويي ۽ مُون (تاج جويي) تائين هر جديد، ترقي پسند ۽ روشن خيال، سنڌ دوست اديب، جويي صاحب جو سڏيءَ اڻ سڏيءَ ريت، فڪري پوئلڳ رهيو آهي ۽ اهي سڀ کيس پنهنجو ’فڪري ۽ ادبي استاد‘ سڏائيندي ۽ سمجهندي فخر ڪندا رهيا آهن. جامي چانڊيي، ان ڏس ۾ ڪيڏن نہ سهڻن لفظن ۾ کيس خراج تحسين پيش ڪيو آهي:

”جديد سنڌ جي فڪري، ادبي بلڪ قومي تحريڪ جو هيءُ حقيقي سپهہ سالار، پنهنجي وضعداريءَ ۽ ارپنا (Dedication) تحت، سدائين هڪ سپاهيءَ جيان هليو آهي.“

ادب ۽ فڪر جي دنيا ۾ ترجمن جي وڏي اهميت آهي ۽ ان ڏس ۾ محمد ابراهيم جويي جو نالو نهايت مٿانهون آهي. سراج ميمڻ لکي ٿو:

”آزاديءَ (ورهاڱي) کانپوءِ ترجمي جي اهيمت جيڪڏهن ڪنهن محسوس ڪئي ۽ ڪرائي، سو محمد ابراهيم جويو هو. هن کي پاڻ بہ ترجمي جو فن ايترو تہ مٿانهين معيار تي ڪٽي ويو. جو هن جا ترجما اصلوڪيون ۽ طبعزاد تحريرون ٿيون پيائجن. سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ هن ڏينهن رات ڪري، ادبي



بورڊ جي ترجمي جي اسڪيم کي اڳتي وڌايو. ان اسڪيم ۾ دنيا جي علم ادب جا بهترين ڪتاب چونڊيا ويا. ترجمي جي چونڊ ۾ ابراهيم جويي جي فڪر کي وڏو دخل آهي، کيس اهو فڪر هوندو هو تہ جيڪي ڪتاب ترجمو ٿين، سي نہ رڳو سنڌي ادب ۾ اضافو آڻين، پر سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي زبان کي ذهني سفر ۾ بہ قدم اڳتي نين....... ڪتاب اهڙا چونڊيندو، جن ۾ ڪنهن ماڳ، ڪنهن منزل جا نشان چٽا ملندا هجن، اُها مقصديت (Motivation) رڳو بورڊ جي ڪتابن تائين محدود نہ هئي. پنهنجي سنگتين ساٿين کي ڳالهہ ڪندي، اهڙن ترجمن ڪرڻ لاءِ چوندو جيڪي پاڻ ۽ هنن گڏجي پڙهيا هجن، ۽ جن جي مقصديت لاءِ ڪنهن کي بہ شڪ شبهو نہ هجي.“(سراج، 1982: 19-21)

ائين جويي صاحب، سنڌي ادبي بورڊ ۾ رهي، مختلف اديبن کان هيٺيان ڪتاب ترجمو ڪرايا:

1. جادو ۽ سائنس (Golden Bous): سومار علي سومرو
2. نيٺ ڇا ڪجي؟ (ٽالسٽاءِ): نورالدين ۽ شمس سرڪي
3. گرم جون آڪاٽيون:
4. آمريڪي افسانا: مراد علي مرزا
5. دنيا جا عظيم افسانا: سراج ۽ مراد علي مرزا
6. رعيتي راڄ (Republic): پروفيسر محمد اسحاق ابڙو
7. گورڪي، ننڍپڻ / تربيت / منهنجا درسگاهہ (ٽي ڀاڱا): اياز قادري
8. عالمي افسانا: مراد علي مرزا ۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب.

هيٺ آءٌ محمد ابراهيم جويي صاحب جي ترجمو ڪيل ڪجهہ فڪري ڪتابن جو تذڪرو پيش ڪريان ٿو:

1. **ٻارن جي تعليم:**

هن ڪتاب جو مصنف، پليو ٽارچ، پهرين عيسوي صديءَ جي وچ ڌاري، يونان جي ڊيفلي شهر ويجهو ’ڪيرونا‘ نالي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. پليو ٽارچ، يونان جي عالمن ۽ بزرگن وانگر، رومي حڪومت جو اعزازي صلاحڪار بہ هو. شهرت جي اوج وقت، روم کي خيرباد چئي، پنهنجي ننڍڙي ۽ گُمنام ڳوٺڙي ۾ اچي رهيو جتي غريباڻي روزگار جي بندوبست ڪرڻ کانپوءِ ڳوٺ جي نوجوانن جي تعليم ۽ تربيت جي ڪم

۾ لڳي ويو. ’ٻارن جي تعليم‘ ڪتاب اُن دوران لکيائين. ۽ هيءَ هن موضوع تي قديم زماني جي واحد مڪمل تصنيف آهي. ’نئين سجاڳي‘ واري دور ۾ جيڪي بہ انسان دوست عالم ۽ سڌارڪ پيدا ٿيا، سي سڀ هن ڪتاب / مضمون کان بنهہ متاثر ٿيا.

هن ڪتاب مان اسان جي ٻارن جا مائٽ، اُستاد ۽ تعليم سان واسطو رکندڙ صاحب اڄ بہ فائدو وٺي سگهن ٿا، ڇو تہ تعليمي ترقيءَ جي تاريخ جو هر بابُ، هن ڪتاب سان شروع ٿئي ٿو.(ٿارچ، 1947: 8)

**2. ايميلي عرف تعليم:**

هي ڪتاب 18صديءَ جي عظيم مفڪر جين جيڪس روسو (Jean Jacques Rousseau) جي 450 صفحن جي ضخيم ڪتاب جو اختصار آهي، جنهن ۾ هن، پنهنجو تعليم ڏيڻ جو طريقو نهايت دلچسپ پيرايي ۾ بيان ڪيو آهي.

روسو کي وفات ڪئي 250 سالن کان مٿي جو عرصو ٿي چڪو آهي، ان وچ ۾ ڪيترا تعليمي ماهر پيدا ٿيا، پر ’ايميلي‘ جو مطالعو ٻڌائي ٿو تہ اُنهن ڪي نوان اصول ڳولي نہ ڪڍيا آهن، بنيادي اصول اُهي ئي آهن، جيڪي روسو بيان ڪيا آهن. روسو ٻار جي تعليم جو هر پهلو ٻار جي نفسياتي ۽ جبلي گُهرجن جي بنياد تي رکيو آهي. هن ٻار جي تعليم جو طريقو قدرت (Natuor) جي رهنمائيءَ تي ڇڏي ڏنو آهي.

روسو مطابق، سماج، تعليم وسيلي اهڙا فرد پيدا ڪري، جيڪي پاڻ کي عالمگير برادريءَ جا فرد سمجهن ۽ ثابت ڪري ڏيکارين.

روسو 1712ع ۾ سئٽزلئنڊ جي هڪ آزاد ۽ مختيار شهر جنيوا ۾ ڄائو، سندس ابا ڏاڏا فرانس جا هئا. هن جو عظيم ڪتاب ”اعتراف نامو“ (Confessionry) ڪافي مقبول آهي. روسو 37 سالن تائين محجوب، آسائش پسند، پورالو ۽ نازڪ مزاج رهيو، گهمندو ۽ ڦرندو رهيو. ڪتابن جو وڏو شوقين هو. 37 سالن جي عمر ۾ هن جي زندگيءَ ۾ اوچتو انقلابي موڙ آيو. 1749ع جي اونهاري ۾، هڪ قيدي دوست ڊڊرٽ (Didort) جي ملاقات لاءِ گهران نڪتو. سندس دوست سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ سرڪاري حوالات ۾ هو. واٽ ويندي هن رسالو پڙهيو، جنهن ۾ هڪ اشتهار تي سندس نظر پئي، جنهن ۾ لکيل هو: ”علم ۽ فن جي ترقيءَ جي ڪري انسان جا اخلاق سُڌريا آهن يا بگڙيا آهن؟“ ان سوال هن جي ذهن جي ڪايا پلٽي ڇڏي. اُن بعد هن ماستريءَ جو پيشو اختيار ڪيو ۽ پنهنجا اصول،



هڪ ’تجويز‘ جي صورت ۾ قلبند ڪيائين. اُهي هن پنهنجن ڪتابن The Social Contract (سماجي معاهدي) ۽ ’ايميلي‘ ۾، 1762ع ۾ پيش ڪيا. ٻنهي ڪتابن جو بنياد، انسان جي فطري مساوات، اخوت ۽ حُريت تي ٻيڻل آهي. ٻنهي جي تبليغ جو واحد مقصد هيءُ آهي تہ: ”اُنهن بنيادي اصولن جو تحفظ عام تعليم ۽ تدريس وسيلي ڪيو وڃي“ ۽ اُنهن جو استعمال، سماج جي هر صحيح قانون جو روح هئڻ گهرجي، ٻيءَ حالت ۾ تعليم، تعليم نہ رهندي.(3)

ارڙهين صديءَ جي انقلابي دور جا هي ٻيئي ڪتاب، جديد تعليمي ۽ سياسي سجاڳيءَ جا پيشرو ثابت ٿيا. سماج جي هٺ ٺوڪين علمبردارن، روسو جا اهي ڪتاب ساڙائڻ جو مطالبو ڪيو ۽ ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالت (Palauis de Justice) اُهي ڪتاب ساڙائي ڇڏيا، ۽ ليکڪ کي بہ جيئري جلائڻ جي فتوا جاري ڪئي. هنن ڪتابن (خاص ڪري) ’ايميلي‘ ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ:

”انساني جامي پهرڻ وقت، جن شين جي انسان کي گُهرج آهي، اُهي ئي شيون اسان کي اسان جي تعليم معرفت تحفي طور عطا ٿين ٿيون. اُها تعليم اسان کي قدرت (Nature) هٿان، انسانن (Hunain Being) هٿان ۽ طبعي شين (Things) هٿان پلئہ پوي ٿي.“(جويو 1949: 37)

**3. محڪريءَ جا مضمون:**

ڊاڪٽر جي. ايم. محڪري اصل بئنگلور جو هو پر ورهاڱي کان پوءِ ڪراچي، سنڌ ۾ اچي رهيو. سندس اصل نالو غلام محي الدين مهڪري هو پر هن پنهنجي نالي جو مخفف جي. ايم. محڪري يعني ’گلاب موتيا، مهڪ‘ ڪم آندو هو چوندو هو تہ عربن ڪڏهن بہ پنهنجي نالي اڳيان غلام جي اڳياڙي نہ لڳائي آهي، ڇو تہ غلام معنيٰ ’خريد ڪيل ٻانهو‘، ان ڪري مون ڪڏهن بہ ’غلام محي الدين‘ پنهنجو نالو ڪنهن بہ تحرير ۾ ڪم نہ آندو. ڇو تہ ان سان مضمونن تي غلاميءَ جي مهر لڳي ٿي. جويي صاحب، هن ٻي ڊپي ۽ آزاد فڪر انسان جي بيباڪ اظهار کي اڳيان رکي، سندس انگريزي ڪالمن ۽ مضمونن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، ڪيس ”محڪ“ (ڪسوٽي، پئمانو) جي حوالي سان ”محڪري“ لکڻ جي جرئت ڪئي آهي جويي صاحب لکيو آهي تہ:

”ڊاڪٽر محڪري واقعي پاڻ وٽ هڪ ڪسوٽي، هڪ سچاٽپ، هڪ

پيمانو رکن ٿا. ڪري ۽ ڪوڙي جو روشنيءَ ۽ تاريڪيءَ جو سچ ۽ ڪوڙ جو-“ (جويو، 1985: 10)

هن اسان کي، پاڪستان جي جوڙجڪ ۾ ’نظرئي جي ’وهم‘ ۽ اُن جي سياسي پذيرائيءَ ۽ وهم پرستيءَ جي بنياد تي بيٺل ’بُت‘ کان پنهنجي تحريرن ۾ بچايو آهي. محڪريءَ جا ڪالم، ”کير سفيد ڪيئن ٿو ٿئي“، ”ڇا ڪتولي جو موت نه کپي“، ”پريس جي آزادي“، ”پاڪستان ۾ پنگلن لاءِ موٽرون“، ”گهوڙي جي شرط ماٺهوءَ تي“، ”جمهوريت کي ڪيئن مارجي؟“، ”جمهوريت به هڪ ذهنيت آهي“، ”جمهوريت جا ست جنم“، ”سلام انهن تي، جي آزاد آهن“، ”ذهني عصمت فروش“، ”سنڌ جون نياڻيون“ ۽ ”ڇا اسان جو نوجوان اڳواٽيءَ کان محروم آهي؟“ اهي ۽ ٻيا مضمون، اسان جي نوجوانن ۽ خاص ڪري سنڌي شعبي جي نوجوانن کي پڙهڻ گهرجن- ۽ جڏهن هُو پڙهندا ته پوءِ محڪريءَ جي لفظن ۾ اهو نتيجو نڪري سگهي ٿو ته:

”نوجوان، بي اڳواڻ ڪيئن ٿا رهجي سگهن، هو ته پنهنجا اڳواڻ پاڻ آهن.“(محڪري، 1985: 245)

4. **فڪر جي آزادي:**

استيفن زويگ جي هن ڪتاب جو انگريزي نالو ”The rights to Heresy“ آهي، جرمن ليکڪ جي هن ڪتاب ۾ 16 صديءَ ۾ مسيحي دين کي پيش فرقيوار مسئلي (ڪئٿولڪ/پروٽيسٽنٽ) بابت هٺ ڌرمي ۽ تشدد جي واقعن جي هڪ دلسوز سلسلي سان ڳنڍيل ٻن بيخوف ۽ باضمير مردانِ حق ۽ عظيم شهيدن – مائيڪل سرويٽس ۽ سيبان ستيان ڪاستيلو – جي عظيم ۽ انتهائي اهم قربانيءَ جو قصو آهي، جيڪو ڏاڍي ٻاجهاري ۽ دل ڇهائيندڙ حڪيمانه انداز سان پيش ٿيل آهي.

اصل ڪتاب جرمن ٻوليءَ ۾ لکيو ويو جيڪو پهرين آسٽريا ۾، 1936ع ۾ Castellio Gagin cadvin عنوان سان ڇپيو ۽ ان جو انگريزي ترجمو به ساڳئي سال ڇپيو، جنهن جو نئون ڇاپو 1951ع ۾ ڇپيو.

هي ڪتاب اسان جي موجوده حالتن ۾، جڏهن شريعتن جي اجراءَ ۽ نظامن جي نفاد جا اهڙائي سانباها ٿي رهيا آهن، جهڙا 16 صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ شهيد سرويٽس ۽ شهيد ڪاستيلو ۽ هزارن ۽ لکن ٻين اهڙن گمنام شهيد ن کي ڏسڻا ۽ سَهڻا پيا هئا. هن ڪتاب ۾ پيش ٿيل ڳالهين جي روشنيءَ ۾، جو يي صاحب اُميد ڏيکاري



آهي ته پڙهندڙ اَوس پنهنجن خيالن ۽ راين جي تشڪيل ڪندا ۽ پنهنجي عمل ۽ ردعمل جي رُخ جو تعين ڪندا. (جويو 1977: 14)

5. **فلسفي جو ابدائي ڪورس:**

هي فلسفي جو ڪتاب آهي، جيئن اُن جي نالي مان پڌرو آهي. هي فلسفي جي ابتدائي ڪورس جو ڪتاب آهي. فلسفو جنهن کي فرئنسز بيڪن، فطري فلسفو (Natural Philosophy) ٿي سڏيو. فلسفو انساني عالم ۽ انسان لاءِ، ڏاهپ پسندي انسان جي ۽ انسان لاءِ . جنهن کي ڪنهن به ڳالهه جي لڪائڻ ۾، وڌائڻ ۾ يا ٺاهڻ ۾ دلچسپي ڪانهي، جنهن کي ڪنهن سائنسي سچ کان ۽ ڪنهن فلسفي سچ کان ڪو ڊپ نه آهي، جيڪو هر ڳالهه کي کولڻ ۽ سمجهڻ گهري ٿو، انساني عقل جي مدد ڪرڻ سان، جيڪو انسان وٽ فطرت جي سدا روشن شمع آهي.

هي ڪتاب اصل ۾ فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل هو، جنهن جو انگريزي ترجمو 1950ع ۾، سڊني، آسٽريا مان شايع ٿيو، جنهن تان هي سنڌي ترجمو محمد ابراهيم جويي ڪيو آهي.

هن ڪتاب جي موضوع جي سڀني عوامي دوست، حق شناس سرگرم ڪارڪنن لاءِ وڏي اهميت آهي. جارج پوليزر، فرينچ پورهيتن جو هڪ نامور، ذهين اڳواڻ ۽ مارڪسزم – لينزم جو هڪ لائق ۽ فائق استاد هو. هو فرانس تي قابض جرمن فاشي وحشين هٿان شهيد ٿيو هو. هي ڪتاب، جنگ کان اڳ سندس ليڪچرن جي ياداشتن مان سندس هٿ اکرن ۾ تيار ڪيل آهي. ڪميونزم دنيا جي نئين جنم جي ساکي آهي، اهائي ان جي روشن صبح لاءِ راهه هموار ڪندي. فلسفو ڇا آهي؟ ماديت جو فلسفو ڇا آهي؟ ماديت ۽ مارڪسزم جا پاڻ ۾ ڪهڙا لاڳاپا آهن، مارڪسزم خلاف سرمايه پسندن جا اعتراض ڪهڙا آهن؟ ۽ ٻيون ڳالهيون، سادي ۽ اثرائتي انداز ۾ هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهن.(پوليزر، 1985)

6. ٻارن جو مسيح:

ايندڊ بلائيٽن (Enid Blyton) جي ڪتاب ’Chilolren’s life of Christ‘ جو ’ٻارن جي مسيح‘ عنوان سان ترجمو آٿي، جويي صاحب 1979ع ۾ ٻارن جي عالمي سال جو تحفو ڪري، سنڌي ٻارن کي پيش ڪيو. ان ۾ هڪ واقعو ڄاڻايل آهي ته:

”هڪڙي پيري مسيح جي ساٿين ۾ اچي بحث نڪتو تہ منجهن وڏو ڪير هو؟ هنن پوءِ مسيح کان پُڇيو، ”سائين، آسماني بادشاهت ۾ سڀ کان وڏو ڪير آهي؟“ مسيح هڪڙي ننڍڙي ٻار کي پاڻ وٽ سڏائي، انهن جي وچ ۾ کڙي بيهاريو ۽ چيائين، ”آءٌ اوهان کي سچ ٿو چوان تہ جيسين اوهين ڦري ننڍڙي ٻارن جهڙا نہ ٿيندا، تيسين ڪنهن بہ طرح آسمان جي بادشاهت ۾ داخل نہ ٿي سگهندا. تنهنڪري (اوهان مان) جيڪو ڪو پاڻ کي هن ٻار وانگر ننڍو ڪري سمجهندو، اهوئي آسماني بادشاهت ۾ سڀ کان وڏو ليکبو.“(بلائٽن، 1982: 11)

مسيح 33 سال ۽ 9 مهينن جي ڀوهہ جوانيءَ ۾ صليب تي چڙهي شهيد ٿيو. ٽيهن سالن جي عمر کان پوءِ هن پنهنجي پيغام، پنهنجي تعليم رستي هن ڌرتيءَ تي پنهنجي ’آسماني بادشاهت‘ اڏڻ جي ماڻهن کي دعوت ڏيڻ شروع ڪئي. هن کي فقط پوڻا چار ورهيہ پنهنجي دعوت جي عام ڪرڻ لاءِ مليا، هن ٿورڙي وقت ۾ سندس دعوت جو اثر ۽ نتيجو هر لحاظ کان بي مثل ۽ اثرانگيز ثابت ٿيو.

هن ڪتاب ۾ مسيح جي جنم کان صليب تي چڙهڻ ۽ تعليم ڏيڻ جو تفصيل ٻاراڻي انداز ۾ بيان ڪيل آهي.

**7. وحشي جيوت جا نشان:**

هاورڊ موئر جي ڪتاب ’Savage Survivals‘ جو ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي، اُن ۾ ڄاڻايل آهي تہ:

”انسان جي انسان بنجڻ يعني ’انسان، حيوان مان انسان‘ ڪيئن ٿيو ۽ جيئن پوءِ تيئن هو حيوانيت کي ڇڏيندو، پنهنجي انساني حيثيت ۾ ڪيئن اُسرندو رهيو ۽ اڄ بہ هن ۾ حيوانيت جا باقي اثر ڪهڙا موجود آهن، ۽ انهن کي ضابطي ۾ رکڻ يا بنهہ ختم ڪرڻ لاءِ اڄ بہ هُو ڪهڙا جتن ڪندو ٿي رهيو، انهن سڀني ڳالهين جي عقلي سمجهاڻي، هن ڪتاب پڙهڻ سان ملي ٿي. هيءُ ڪتاب ’آدم گروانس وائين‘ جي لکڻ موجب ”اخلاقيات جو انجيل“ آهي. هن ڪتاب جو ’اخلاقيات‘ بابت هيءَ موقف آهي تہ ”چڱائي ۽ برائيءَ جو خيال يا تميز“ انسان جي سماجي وصف آهي. سماج کان ٻاهر اڪيلي انسان ۾ سندس اُن سماجي وصف يعني هن جي چڱي يا بري هجڻ جو تصور ناممڪن آهي. انسان، جي چڱو آهي تہ هن جي چڱائي، جا فقط سندس ذات تائين محدود هجي، چڱائي نہ آهي. اُها هن جي حيواني وصف تہ ٿي



سگهي ٿي، ڇو تہ حيوان ئي فقط پنهنجي لاءِ جيئي ٿو. سماج ۾ رهندڙ انسان جي چڱائي هيءَ آهي تہ هو ٻين لاءِ جيئي ۽ پوءِ ئي ٻيا هُن لاءِ جيئندا.“(موئر، 1994: 7)

هن ڪتاب ۾ پاليل جانورن جو اصل نسل، پاليل جانورن ۾ وحشي جيوت جا نشان، مٿئينءَ سطح جي ماڻهن (قومن) جو حسب نسب، مٿينءَ سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان (راند جي جبلت، نقل ڪرڻ جي جبلت، شيءِ حاصل ڪرڻ جي جبلت، بدلي جي جبلت، خود غرضيءَ جي جبلت) وغيره بابت تفصيل سان لکيو ويو آهي.

**8. گليلو:**

هي ڪتاب، برٽالٽ بريخت جي ڊرامي ’Life of Galilue‘ جو سنڌي ترجمو آهي. ’اُستاد گليلو‘، هيءُ ڊرامو جڳ مشهور جرمن ڊرامانويس، ڊراما پروڊيوسر ۽ ڊائريڪٽر، شاعر ۽ افسانہ نگار برٽالٽ بريخت جي وڏن ۽ اهم ڊرامن مان هڪ آهي. بريخت هي ڊرامو اُن وقت لکيو، جڏهن سندس وطن ۾ نسلي برتريءَ ۽ زور جي بالادستيءَ ۾ ايمان رکندڙ هٽلري ٽولي جي ’نازي طاقت‘ ايتري تہ اُسري چڪي هئي، جو ان پنهنجي قوت جي انڌ ۾ اچي، ظلم ۽ ڏاڍ جا دروازا اُتي کولي ڇڏيا هئا، ۽ ان جي هٿان دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٻي وڏيءَ جنگ جا موتمار ۽ دل ڏاريندڙ واقعا شروع ٿي چڪا هئا.

برٽالٽ بريخت 10 فيبروري 1868ع ۾ جرمنيءَ جي قديم شهر آگسبرگ (Augusburg) ۾ ڄائو هو.

اُستاد گليلو گليلي، 1504ع ۾ اٽليءَ جي شهر ’پسيا‘ ۾ ڄائو هو، اهو دور علمي سجاڳيءَ ۽ مذهبي اصلاح (Reformation) جهڙين تحريڪن جو هو، جن يورپ ۾ زبردست ذهني اٿل پيدا ڪئي. وهمن، وسوسن ۽ انڌن عقيدن جا ڪوٽ، علم ۽ ڄاڻ جي تيز طوفانن لڳڻ سان پڄي پُري پٽ ٿيا. گليلو پيڊ وٽا يونيورسٽيءَ ۾ علم رياضيءَ جو اُستاد هو. 1608ع ۾ هالنڊ جي هڪ عينڪ ساز جي دوربينيءَ واري اُصول تي ڪم ڪري، هن هڪ اهڙي دوربيني ٺاهي، جنهن سان شيون هزار ڀيرا وڏيون ۽ ٽيهوڻيون وڌيڪ قريب نظر ٿي آيون. هن اُن جو رخ نظام شمسيءَ جي مطالعي لاءِ آسمان ڏانهن ڦيرايو ۽ تارا ۽ گرهہ انساني اک جي وڌيڪ ويجهو ۽ وڌيڪ چٽا ۽ پڌرا ٿي پيا. گليلو اُن دوربينيءَ وسيلي سڀ کان اڳ ’ڪيرڌار‘ (Galaxy) کي ڏٺو. هن

ٻڌايو ته اهو 'نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ جو گيهو' نه پر تارن جو وڏو ميڙ يعني ڪهڪشان (Galaxy) آهي. هن فلڪي نظامن بابت ڄاڻ جي ترديد ڪئي ۽ ٻڌايو ته سج به پنهنجي مدار تي ڦري ٿو ۽ اُن جي گردش اناويهن ڏينهن ۾ پوري ٿئي ٿي.

هن جي علمي شخصيت جو بنياد، اُن نظريي تي رکيل هو ته وهم، وسوسا ۽ غير علمي عقيدا، انسان ذات لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا آهن. اُن جي ابتڙ علمي ۽ سائنسي ڪوجنائن جي وسيلي انسان ذات کي ڪائنات جي ڳجهن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو شعور حاصل ٿئي ٿو ۽ اُن خوف ۽ خطري کان نجات ملي ٿي، جنهن جي اثر هيٺ صدين تائين انسان، ذهني ۽ اخلاقي طرح ڄامڙا، لولا ۽ لنگڙا پئي رهيا آهن.

بريخت هن ڊرامي ۾ اُستاد گليلو جي تاريخي دور، سماجي پسمنظر ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪارنامن کي علامت طور استعمال ڪري، اُنهن سائنسي ۽ سماجي مسئلن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

گليلو سترهين صديءَ ۾ هڪ عقلي ۽ سائنسي دور جي چانئٺ تي بيٺو هو، چوطرف ڏاڍ ۽ هٺ ڌرم تيءَ جي باندرن جي هوندي به، هن انسانذات جي مستقبل کي روشن ۽ تابناڪ ڏٺو هو، ڌرتيءَ جي سج جي چوڌاري گردش جو نظريو ڏنو. 'احتسابي عدالت' هن کان توبهه نامي پڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پوءِ به گليلو پرسان بيٺل پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي ڪن ۾ چيو ته: "ڌرتي اجا به ڦري پئي"(گليلو 1977: 14)

**9. علم تدريس مظلومن لاءِ:**

هيءَ پائلو فراريءَ جي ڪتاب: 'Pedagoge of the Oppressed' جو ترجمو آهي.

پائيلو فراريءَ جو خيال آهي ته تعليم، آزادي ۽ سماجي تبديليءَ جو هڪ رستو آهي. هن جي نظر ۾ اها تعليم 'بئنڪاري' نه، پر مسئلن کي کولي آڏو رکندڙ ڪرامتي نه پر آزاد ۽ جمهوري تعليم هجي. ڳالهه ٻولهه مخالف نه، پر ڳالهه ٻولهه پسند هجي. هن 'بئنڪاري تعليم' کي ظلم پسند ۽ مڙهيل تعليم سڏيندي، اُن کي گگدام ۽ ماٺ جي تهذيب (Culture of Silence) سڏيو آهي، جيڪا مظلوم ۽ غريب تي مڙهي وڃي ٿي. هن علمي ڪتاب ۾ سمجهايل 'تدريس جو علم'، خاص بالغن جي تعليم لاءِ، پوئتي پيل قومن جي عام خلق جي گهٽائي، اُن جي مظلوم ۽ محروم حصي جي تعليم لاءِ هئڻ سبب اُنهيءَ خدمت جي دائري ۾ ڪم ڪندڙ اُستادن، تعليم



ڪارن ۽ سماجي، تهذيبي ۽ سياسي ڪارڪنن لاءِ بيحد مفيد ڪتاب آهي.

پائلوفراري، لاطيني آمريڪا جي ملڪ برازيل جي رسيف (Recife) شهر ۾، 1921ع ۾ ڄائو هو. ڪجهه وقت چلي يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر ۽ يونيسڪو جي "زرعي اصلاح لاءِ تربيت ۽ تحقيق جي اداري" جو صلاحڪار رهيو. هارورڊ يونيورسٽي (USA) ۾ تعليم ۽ ترقيءَ جي مطالعي جي مرڪز ۾ وزيٽنگ پروفيسر ۽ ڪليسائن جي ڪائونسل جو صلاحڪار رهيو. (جويو 1990: 6)

**10. ڪئنڊيڊ:**

والٽيئر (1694-1778)، فرانس جي عالم ۽ اديب جي ڪتاب 'Candide' جو ترجمو الهرڪئي پريي ۽ شمشيرالحيدريءَ، سنڌيءَ ۾ ڪيو هو جنهن جي ٻوليءَ جي تصحيح ڪرڻ سان گڏ ان جو تعارف سائين جويي صاحب لکيو هو.

هيءَ سنڌيءَ ۾، والٽيئر جي پهرئين ڪتاب جو ترجمو آهي، والٽيئر هڪ باغي ليکڪ هو جنهن جي ڪهاڻين جو مجموعو سندس مُئي کان 160 سال پوءِ، 1935ع ۾ ڇپيو. 84 سالن جي وڏيءَ ڄمار ۾ وفات ڪيائين. هن جي مرڻ کان پوءِ، سنس سمورين تحريرن تي پابندي پئي. هن زندگيءَ جو وڏو حصو جيل ۽ جلاوطنيءَ ۾ گذاريو. هن جي وفات وقت، پئرس جي ديني اختياريءَ وارن، ڪيس مسيحي ڪفن دفن ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو.

والٽيئر هيءَ ڪتاب 'ڪئنڊيڊ' 1759ع ۾ لکيو هو جڏهن هو 75 سالن جو هو. 1755ع ۾ مسيحي عيد جي موقعي تي اسپين جي گاديءَ واري شهر ازبن ۾ هولناڪ زلزلو آيو هو جنهن ۾ 980 هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا هئا. ان واقعي والٽيئر جي نازڪ دل تي بيحد گهڻو اثر ڪيو ۽ هن هيءَ ڪتاب، ناول (Fantastic) جي انداز ۾ لکيو. جنهن کي فرينچ ٻوليءَ جو هڪ بهترين طويل افسانو سڏيو ويو آهي. ول ڊيورانٽ جو خيال آهي ته هي گفتگو جي عنوان تي بيٺل زوراٺو ڪتاب آهي، جنهن فرانس جي زندهه جاگيرداري سماج جي پُٺيءَ تي، هڪ پُسيل ڇهڪ کان سخت ۽ سنهي سِراڻ تي چڙهيل شمشير کان تکي طنز واري ناول جي صورت ۾ سٽڪو اچي ڪيو.

هن ناول جو بنيادي مقصد، ڏک ۽ ڏاڍ سان پيريل سماجي دنيا ۾، سُڪين، پيٽ

پريل ۽ بيحِس خود پسند حاشيہ بردارن طرفان پيش ڪيل ”سيڪجھ ٺيڪ آهي“ واري آدرش وادي نظريي تي سِٽُ ۽ ٽوڪ ڪرڻ آهي. هن ناول جو مک ڪردار ’ڪئنڊيڊ‘ سادو، صاف دل ۽ ايماندار نوجوان ۽ هڪ سردار جو حرامي پُٽ آهي.(والٽيئر، 1995: 20)

هن عظيم ڪتاب جو ترجمو سنڌي ادب ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو.

**11. فرينچ انقلاب:**

هيءُ ڪتاب، ٻن ليکڪن: ايمل ايرڪمَن (Emile Erkmann) ۽ اليگزينڊر چيٽريان (Alexander) جي گڏيل تصنيف آهي، جن مان پهريون اُستاد ۽ ٻيو سندس شاگرد هو. هيءُ ڪتاب فرينچ انقلاب جي ڪهاڻي، هڪ فرينچ هاريءَ جي واتان بيان ڪيل آهي. هاري ابن هاري ’مچيل بئسٽيان‘ (Michel Bastian) هن ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ۽ هيرو آهي. هيءُ ڪتاب پهريون ڀيرو فرينچ انقلاب کان 80 سال پوءِ ڇپيو. هن ڪتاب جي پهرئين ڀاڱي جي سنڌي مترجم سائين محمد ابراهيم جويي کي هن ڪتاب جو پهريون ڀاڱو هڪ ڳاڏي تان مليو هو. جنهن جو ترجمو هن 1990ع ۾ ڪيو. جنهن ۾ هن مڪمل ناول جو سٺ سيڪڙو شامل آهي. باقي اُن جي ٻئي ڀاڱي، يعني 40 سيڪڙي جو ترجمو ڊاڪٽر امجد سراج ڪيو. جيڪو جويي صاحب جي سؤ ساله سالگرهہ جي موقعي تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر سعيد منگيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو هو.

جويي صاحب، ڪتاب جي پهرئين حصي جي ترجمي واري پيش لفظ ۾، ڪتاب جي ٻنهي مصنفن جي هن ’قومي داستانن‘ جي سلسلي جي هن ’تاريخي ڪم‘ بابت، لکيو آهي تہ:

’قومي داستانن‘ جي هن ڪم ۾ ٻنهي مصنفن، اُستاد ۽ شاگرد، جي دل جو محرڪ جذبو هڪ ئي هو: ’وطن جي حُب جو جذبو‘ اجهل ۽ نِبارُ. جيڪو جنگ کي جنگ طور تہ رد ٿو ڪري، بلڪ ڌڪاري ٿو پر جڏهن آزادي، انصاف ۽ بنيادي (بلڪ ابتدائي) انساني حق، يلغار هيٺ آيل هجن، تہ اُهو ئي جذبو، انسان کي مياڻ مان تلوار ڪڍي، سِر تان آهو ڪٽي، پنهنجي مقدس فرض طور، ميدان ۾ نڪري بيهڻ تي مجبور ڪري ٿو.“(جويو، 1990: 6)

فرينچ انقلاب جي اهميت بابت جويي صاحب، پنهنجي پيش لفظ ۾ ڪيڏي



نہ فڪر انگيز ڳالهہ ڪئي آهي تہ:

”فرينچ انقلاب ارڙهين صديءَ جو ئي نہ، تاريخ يورپ جو ئي نہ، پر تاريخ انسانيءَ جو هڪ تمام اهم واقعو هو. انساني قدرت جو هڪ عظيم ڪرشمو، هڪ اهڙو ڪرشمو جنهن ۾ بني نوع انسان جي سوچ، ارادي ۽ حوصلي جا جملي ڪرشما سمايل هئا. اهو فرينچ انقلاب جي واقع ٿيڻ سبب ئي هو جو علم سياست جي تاريخ ۾ فرانس کي سڄيءَ اوڻيهين صديءَ لاءِ ’دنيا جي سياسي تحريڪن جو مالڪ‘ سڏيو ويو آهي. آليڪ وڊلر، پنهنجي ڪتاب ”The Church in an age of Revolution“ (هڪ انقلابي جُڳ ۾ مسيحي مذهب: 1961ع) ۾ فرينچ انقلاب کي هڪ قسم جو ائٽم بم سڏيو آهي، جنهن جا جوهري ’وسڪارا‘ اڃا تائين دنيا ۾ پنهنجا اثر ڏيکاري رهيا آهن...... اُن سان هڪ ابتدا ٿي ۽ هڪ انتها بہ ٿي. ابتدا نئينءَ کان نئينءَ تعمير لاءِ ڪوشش جي هڪ سلسلي جي، جيڪو اڃا جاري آهي.... اُن نظام جي جاءِ پرڻ لاءِ، جيڪو پنهنجي انتها تي پُڄي ۽ ڍهي، اڃي پَٽ پيو.... اُهو هڪ انقلاب، جيڪو شايد سڀني انقلابن کان وڌ تاريخ ساز هو ۽ جنهن جي پيٽ مان انقلابن جي ڪيترن ڀين سلسلن کي وجود مليو“

”فرينچ انقلاب، يورپ جي بيداريءَ (1500-1300ع)، احتجاج (1700-1500) ۽ روشنيءَ (1800-1700) جي تحريڪن جو ڏنل دنيا جو هڪ تحفو هو. يورپ جي ان روشنيءَ جي تحريڪ جي حوالي سان ارڙهين صديءَ کي روشنيءَ جو دور (Age of Enlightenment)، ’عقل جي صدي‘، ’جذبي جي صدي‘، ’انقلاب ۽ جوش جي صدي‘ وغيره نالن سان ياد ڪيو ويو آهي“(جويو، 1977: ....)

بهرحال، فرينچ انقلاب جي هي دلچسپ ۽ سبق آموز ڪٿا ترجمي جي صورت ۾ جويي صاحب (۽ اُن جي دوست ۽ شاگرد سراج جي پٽ امجد سراج پيش ڪري، سنڌي قوم ۽ خاص ڪري نئين نسل ۾، انقلاب ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي روشن مستقبل جي خواب جي تعبير طرف وک لاءِ اُتساهہ جو هڪ ڏياٽي روشن ڪئي آهي، هيءُ ڪتاب هر انقلاب پسند شخص کي ضرور مطالعو ڪرڻ کپي.

سڄيءَ دنيا اندر ادبي ۽ فڪري ڪتابن جي ترجمن جي وڏي اهميت رهي آهي، ۽ اها اهميت سنڌ جي مرڪزي اُستادن – مرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ، سائين جي. ايم. سيد، محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز وقت بہ وقت محسوس پئي

ڪئي، ۽ ان ڏس ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ ۽ جويي صاحب جي وڏي خواهش پئي رهي ته، سنڌ ۾ ڪو ”انسٽيٽيوٽ آف ٽرانسليشن“ قائم ٿئي. ان ڏس ۾ سنڌ جي سدوري نياڻي، ماهتاب اڪبر راشديءَ، جويي صاحب جي خواهش کي تعبير ڏيڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ کان ”محمد ابراهيم جويو انسٽيٽيوٽ آف ٽرانسليشن“ جي قيام لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايو هو ۽ اُن کي وزير ثقافت سيد سردار علي شاهه جي دؤر ۾ ساپيا جو روپ ملڻ وارو آهي. پر منهنجي نظر ۾، ڪيڏو نه سٺو ٿئي ته سائين جي.ايم.سيد، علامه آءِ. آءِ. قاضيءَ ۽ محمد ابراهيم جويي جي خوابن جي تعبير سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهو ’ٽرانسليشن بيورو‘ هڪ سعبي طور قائم ٿئي.

جڏهن جويي صاحب طرفان ڪتابن جي ترجمي واري ڪم تي ڪن ڪم فهم دوستن تنقيد ڪندي چيو هو ته، جويو رڳو ترجميڪار آهي، پر تخليقڪار نه آهي، ۽ هو ترجما ڪري، پنهنجي تخليقي حيثيت کي ڇيهو رسائي رهيو آهي‘ ته انهن کي جويي صاحب جيڪو جواب ڏنو هو اُهو سندس ئي لفظن ۾ ڏئي، هن مقالي جو اختتام ڪريان ٿو:

”منهنجا ڪافي ڪي پيارا دوست آهن، جن جو خيال آهي ته آءٌ ڪتاب ترجمو ڪريان ٿو اِهو وقت جو زيان آهي. آءٌ اُنهن سان اِنهيءَ خيال ۾ متفق نه آهيان، ۽ اُن لاءِ مون وٽ پختا دليل آهن.

- خيال ڪنهن جا آهن، اُن جو ويچار ڪرڻو ڪونهي، پر خيال ڪهڙا آهن، اصل ڳالهه ڳولڻ جي، سمجهڻ جي ۽ سوچڻ جي اها آهي...... خيالُ ڪڏهن به اصلي يا نقلي ڪونه ٿيندو آهي، عملي يا غير عملي ٿيندو آهي. سڀ ڪان وڏيڪ قبولڻ يا نه قبولڻ جهڙو يا نه قبولڻ جهڙو ٿيندو آهي ۽ ڪهڙو خيال قبولڻ يا ڪيتريقدر قبولبو يا نه قبولبو اُن جو مدار وري ذهن ۾ اڳ موجود خيال يا خيالن تي رهي ٿو. انهيءَ ڪري جيترا گهڻا يا چڱا ۽ چوکا خيال ذهن ۾ هوندا، ايتري ماڻهوءَ جي صحيح يا غلط خيال جي پرک تيز ٿيندي ۽ هو قبولڻ جهڙا وڌ ۾ وڌ خيال قبوليندو ۽ ائين پنهنجي ذهن کي تيز کان تيز تر ۽ سجاڳ رکي سگهندو.

انساني فڪر جي واڌ ۽ پکيڙ دنيا ۾ جيتري ترجمن وسيلي ٿي آهي ۽ ٿي رهي آهي، اهڙي ڪنهن به ٻئي ذريعي سان ٿي نه سگهي آهي، هندستان ۽ يونان جي ادب ۽ علم جو عربيءَ ۾ نقل، يورپ جي علمي ۽ ادبي ذخيري جو دنيا جي ٻولين ۾



منتقل ٿيڻ، جديد مهذب دنيا جي ڄاڻ جون اهي زوردار ڏارائون ئي اُن جي مهذب بنجڻ ۽ مهذب هجڻ جو مکيه سبب بنيون ۽ مک سبب آهن. ........ اسان جي سنڌي ٻوليءَ کي ته عالمي ادب ۽ فڪر جي اُتاري جي جيڪڏهن سڀ کان وڌ، نه ته به لازمي طور وڌ ۾ وڌ ضرورت آهي.“

**حوالا:**


- اينڊ بلائٽن (1982).ٻارن جو مسيح. ترجمو:محمد ابراهيم جويو، حيدرآباد سنڌ: سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت
- ٽارچ (1947).ٻارن جي تعليم،مهاڳ. ڪراچي سنڌ: مهراڻ پبلشرز
- جويو محمد ابراهيم (مترجم).(1990). فرينچ انقلاب: حيدرآباد سنڌ: نيو فيلڊس پبليڪيشن
- جويو محمد ابراهيم (مترجم) (1977). (فڪر جي آزادي: اسٽيفن زويگ.حيدرآباد سنڌ:سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي
- جويو محمد ابراهيم. (1949).ايميلي عرف تعليم، تعارف. ڪراچي سنڌ: مهراڻ پبلشرز
- جويو، محمد ابراهيم. (1985).محڪريءَ جا مضمون، پيش لفظ. حيدرآباد سنڌ: عظمت ادبي اڪيڊمي
- جويو، محمد ابراهيم (1977). فڪر جي آزادي: مهاڳ. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي
- جارج پوليزر(1985).فلسفي جو ابتدائي ڪورس.مترجم م.ا.جويو. ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن
- گليلو: برٽالٽ بريخت: (1977). مترجم م.ا. جويو، حيدرآباد، سنڌ: سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت
- سراج (1982). ”ادبي گڏجاڻي“ مضمون: ڪوڪوماٺهو، ڪراچي سنڌ: س.ا.س ڪراچي
- ڪئنڊيڊ: والٽيئر، تعارف: م.ا. جويو (1995). ڄام شورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
- هاورڊ موئر (1994). وحشي جيوت جا نشان. ترجمو: م.ا. جويو ڄامشورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
- محڪري.(1985).ڇا اسان جو نوجوان اڳواٽيءَ کان محروم آهي. حيدرآباد سنڌ:عظمت ادبي اڪيڊمي.